# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2004

# SINDH ORDINANCE NO. I OF 2004

# سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2004

# THE SINDH INFORMATION TECHNOLOGY BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 2002

3. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance No.III of 2002

4. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2002

5. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance No.III of 2002

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2004

# SINDH ORDINANCE NO. I OF 2004

# سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2004

# THE SINDH INFORMATION TECHNOLOGY BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

[30 جنوري، 2004]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ

فرمايو آهي:

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. هن آرڊيننس کي سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2003 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 2002

2. سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 2002 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (c) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(cc) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر:

(ii) شق (f) ۾، آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(g) "وائيس چيئرپرسن" مان مراد بورڊ جو وائيس چيئرپرسن".

2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance No.III of 2002

3.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 4 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1)بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i)سنڌ جو گورنر چيئرپرسن

(ii)انفارميشن ٽيڪنالاجي وارو وزير يا ۽ وائيس چيئر پرسن

سندس غير موجودگي ۾ وڏي وزير طرفان نامزد ڪيل ڪو شخص

(iii)يارنهن ميمبر جن مان گهٽ ۾ گهٽ پنج نجي سيڪٽر مان حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا."

2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2002

4. چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(a) انفارميشن ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ۽ ترقي وٺرائڻ ۽ ان جي حڪمت عملي قومي انفارميشن ٽيڪنالاجي پاليسي جي طريقي اختيار ڪرڻ، جيڪڏهن ڪا هجي؛"

2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance No.III of 2002

5.چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) چيئرپرسن پنهنجا ڪي بہ اختيار سواءِ بورڊ جي اختيارن جي ڪنهن بہ بورڊ جي عملدار کي سونپي سگهي ٿو."

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**